## پاڱو پهريون (گهڻ چونڊائتا سوال)

**سوال نمبر1: هيٺ ڏنل سوالن جا صحيح جواب چونڊيو لکو.**

1. مائي خيري واري مسجد ڪهڙي شهر ۾ آهي؟

(الف) خدا آباد (ب) هالا (ج) حيدرآباد (د) سعيدآباد

2. جنگ لفظ جي معنيٰ آهي:

(الف) صلح (ب) لڙائي (ج) امن (د) محبت

3. سنڌ جي اهم سوکڙي ڪهڙي آهي:

(الف) ٽوپي (ب) پٽڪو (ج) اجرڪ (د) انهن مان ڪوبه نه

4. سنڌ جي ڪهڙي شاعر 14 صفر 1165 هجرت تي وفات ڪئي.

(الف) قادر بخش بيدل (ب) شاهه عبداللطيف ڀٽائي

(ج) سيد ثابت علي شاهه (د) حمل خان لغاري

5. سن ........... ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو.

eduvision.edu.pk

(الف) 1828ع (ب) 1937ع (ج) 1843ع (د) 1847ع

6. اسلام ۾ .......... کي خاص اهميت ڏنل آهي.

(الف) سخاوت (ب) اتحاد (ج) جهاد (د) نماز

7. مولانا دين محمد وفائي ڪهڙي اسلامي مهيني ۾ وفات ڪئي.

(الف) محرم (ب) شوال (ج) رمضان (د) انهن مان ڪوبہ نہ

8. پاڪ سڳورن ﷺ آخري خطبو ڪهڙي سواري تي چڙهي ڏنائون.

(الف) گهوڙي (ب) اُٺ (ج) ڏاچي (د) مدبر

9. حضرت سلمان فارسي رضہ جي وقت ۾ ايران ۾ ڪهڙي مذهب جو زور هو؟

(الف) پارسي (ب) زرتشت (ج) عيسائي (د) يهودي

10. حضرت عمر رضہ جي دؤر خلافت ۾ ڪهڙي صحابي کي مداين جو گورنر مقرر ڪيو ويو.

(الف) حضرت زبير رضہ (ب) حضرت سلمان فارسي رضہ

(ج) حضرت زبير رضہ (د) انهن مان ڪوبہ نہ

11. امام جعفر صادق عليہ السلام وقت جا وڏا عالم ۽ .......... هئا.

(الف) سخي (ب) امام (ج) فقيهہ (د) انهن مان ڪوبہ نہ

12. نظم ”هاري“ جو شاعر آهي.

(الف) بردو سنڌي (ب) عبدالڪرمي گدائي

(ج) استاد بخاري (د) شاهہ عبداللطيف

13. عربن ”اجرڪ“ کي ڪهڙي نالي سان سڏيو آهي؟

(الف) احمر (ب) ازرق (ج) اسود (د) انهن مان ڪوبہ نہ

14. سچل سرمست جي دؤر ۾ سنڌ جا حاڪم ڪير هئا؟

(الف) مغل (ب) ٽالپر (ج) سومرا (د) ڪلهوڙا

15. ڪتاب ”مقدمتہ الصلوات“ ڪنهن جي تصنيف آهي؟

(الف) محمد هاشم ٺٽوي (ب) مخدوم ابوالحسن

(ج) مخدوم محمد زمان (د) مولانا دين محمد وفائي

## حصو — ب (مختصر جوابن جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن بہ 9 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 04 مارڪون رکيل آهن.

سوال2: پاڪ سڳورن صلي الله عليہ وسلم اسلامي برادري بابت ڪهڙو ارشاد فرمايو؟

سوال3: ڪن بہ ٽن هنرمندن جون وصفون لکو.

سوال4: شاگردن کي قائداعظم ڪهڙي نصيحت ڪئي؟

سوال5: سنڌ جي ثقافت جي اهم سوکڙي ڪهڙي آهي؟

سوال6: سنڌي رڌپچاءُ جون وصفون لکو.

سوال7: ڪن بہ ٽن رنگن جا نالا لکو.

eduvision.edu.pk

